

# برسيم

# Egyption Clover

## زمين:

برسيم جي پوک وارياسي کان چيڪي زمين ۾ ڪري سگھجي ٿي. هي فصل مختلف زمينن اندر پوکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ وارياسي کان ڳريون لٽياسيون زمينون جنهن ۾ نيڪال سٺو هجي اهي بهتر آهن. جڏهن ته برسيم جا ٻوٽا ڪلر وارين زمينن کي برداشت ڪن ٿا.

## زمين جي تياري:

برسيم ڏکھي پاڙ وارو فصل آهي. جنهن لاءِ زمين جي تياري بهتر نموني ڪئي وڃي ٿي. هن فصل جي پوک لاءِ 3 کان 4 هر ڏئي پتر يجي زمين کي هموار ڪجي. پاڻي ڏيڻ بعد بيٺل پاڻي ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪرڻ گھرجي.

## پوکڻ جو وقت ۽ طريقو:

هن فصل جي پوک 15 سيپٽمبر کان 15 نومبر تائين ڪري سگھجي ٿي. جڏهن ته اهي علائقا جتي گرمي  جو درجو وڌيڪ هجي ان حالت ۾ برسيم آڪٽوبر مهيني ۾ پوکيو وڃي ٿو.
برسيم جي پوکي ڇٽ ذريعي ڪئي وڃي ٿي. هن فصل جي پوک لاءِ پهريائين زمين کي پاڻي ڏجي. ان بعد بيٺل پاڻيءَ ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪجي. هي فصل وونئڻ ۽ مڪئي جي بيٺل فصل ۾ پوکيو وڃي ٿو. جنهن لاءِ آڪٽوبر جي مهيني ۾ وونئڻ ۽ مڪئي کي پاڻي ڏجي ۽ بعد ۾ برسيم جو ٻج ڇٽ ڪجي. جڏهن ته ساريال جي علائقي ۾ برسيم جي پوک سارين جي فصل جي لاباري بعد ڪئي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته هن علائقي جي زمين جي سڌاري واسطي سارين ۽ برسيم جي وارقير ڪئي وڃي ٿي ته جيئن زمين مان ڪلر جو خاتمو ٿئي.

## جنسون:

هن فصل لاءِ مقامي جنس پوکي وڃي ٿي. جنهن ۾ پنن ۽ رسدار ڏانڊين جو گھڻو مقدار ٿئي ٿو.

## ٻج جو مقدار:

هن فصل لاءِ 10 کان 12 ڪلوگرام في ايڪڙ ٻج استعمال ڪجي. ڇاڪاڻ ته ٻج سنهي هجڻ سبب ان جو مقدار وڌائي سگھجي ٿو.

## ياڻ ڏيڻ:

هن فصل کي عام ڪري ياڻ نه ڏنو ويندو آهي. پر زمين اندر هڪ ٻئي پٺيان لڳاتار فصل پوکڻ سبب زمين جي زرخيزيءَ تي اثر پوي ٿو ۽ پيداوار گھٽ ملي ٿي. تنهنڪري زمين جي زرخيزي کي قائم رکڻ لاءِ ياڻ ڏيڻ ضروري آهي. هن فصل جي پوکيءَ لاءِ اڌ ٻوري يوريا ۽ ڏيڍ ٻوري ڊي-

اي-پي ياڻ في ايڪڙ پوکيءَ کان اڳ ڏيڻ گهرجي. چاڪاڻ ته فاسفورس ياڻ نه فقط فصل جي پيداوار وڌائي ٿو پر ان جي خاصيت تي پڻ سنو اثر ڏيکاري ٿو. جڏهن ته فصل جي پهرين لوب يا لاباري بعد يوريا ياڻ جي اڌ ٻوري ڏيڻ گهرجي. جنهن سان فصل سائو ۽ سرسبز ٿيندو ۽ واڌ جلدي ٿيندي.

## پاڻي ڏيڻ:

هن فصل جي پوکيءَ بعد ٻه هلڪا پاڻي هفتي اندر ڏيڻ گهرجن ته جيئن سنو ڦوٽهڙو ٿئي. چاڪاڻ ته جلدي پاڻي ڏيڻ سبب سلا جلدي ساوا ٿيندا ۽ واڌ تيز ڪندا. هن فصل ۾ مجموعي طور 8 کان 10 پاڻي ڏيڻ گهرجن. جيڪي 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.

## گندگاهه:

هن فصل ۾ عام طور گُڏ يا گندگاهه ڪڍڻ جي ضرورت نه آهي. پر هن فصل ۾ جيڪڏهن بصري، ڪاسي، سنجهه ۽ جهل نظر اچن ته هٿ ذريعي ڪڍي ڇڏجن.

## برسيم جي ڪٽائي:

هن فصل جي پهرين ڪٽائي يا پهريون لوب هڪ مهيني جي اندر وٺڻ گهرجي ۽ سلسلي وار ڪٽائي ٻن يا ٽن هفتن بعد ڪندو رهجي. جڏهن ته آخري ڪٽائي بعد هن فصل کي سائي ياڻ لاءِ ڪم آڻي سگهجي ٿو.

## پيداوار:

هن فصل مان 800 کان 1000 مڻ سائو چارو ملي ٿو. جڏهن ته ٻج لاءِ پوکيل برسيم مان 8 کان 10 مڻ في ايڪڙ ٻج ملي ٿو.

آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز
ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ
ICT Agricultural Extension Services Center, Directorate General Agriculture Extension, Agriculture, Supply & Prices Department Government of Sindh, Block-F, Shahbaz Building Hyderabad.
Helpline: +92 3111646111 Email: ictagriextensionsindh@gmail.com
www.ictagrisindh.gov.pk